پروفيسر محمد سليم ميمڻ

# شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ”وجدان“


***Abstract***

## Shah Abdul Latif Bhitai and Intuition

In this research article we have tried to explore the power of “Intuition”, “Inspiration” and Language; and their mutual relationship in the expression of Sufistic and Philosophical concepts in the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai. During our study it has been discovered that most of the great poetry, especially that of classical poets of Sindh, including Shah Latif, is a result of some revelation or intuitive power rather than just a conscious effort. Ofcourse in temporal and worldly matters the poet uses his powers of observation, study and wisdom but in most metaphysical and cosmic facts it’s his intuition that works. The readers or listeners would only understand that quality of great poetry if the poet is able to create similar state of ecstasy in them. With the help of verses from Shah Jo Risalo the concept has been explained. There are several verses in which the poet seems to have expressed ideas, which a person of lesser intellect can not comprehend and even scholars of high caliber have to grapple with words to understand and explain. Such verses were composed in a state of ecstasy by the poet and it seems that the reader also needs to have a similar state of mind to understand the actual concept.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ورهين کان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۽ فڪر جي ڪوجنا ۽ ادبي پرک جو سلسلو هلندڙ آهي. انهيءَ حوالي سان مختلف محققن، نقادن، عالمن ۽ اديبن پنهنجي پنهنجي سوچ، سمجهه ۽ نظريي آهر شاهه صاحب ڪي پڙهيو ۽ پرکيو آهي. جن ماڻهن سندس شاعريءَ ۾ مختلف منفرد ۽ متنوع رخ ڳوليا آهن، انهن به پنهنجي

پنهنجي دلچسپيءَ واري موضوع جي دائري ۾ رهندي انهن جي ڳولها ڪئي آهي يا پنهنجي ذهن تي پيل تاثر جي ردعمل ۾ انهن جي اوڪ ڊوڪ ڪئي آهي. ڪن ساڻس انصاف ڪيو آهي ته ڪن ناانصافي به ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن مخصوص نظريي يا عقيدي جي عينڪ پائي ڏسڻ جي ڪري شاعر جي پنهنجي انفراديت وڃائجي وڃي ٿي ۽ نقاد جو پيش ڪيل شاعر جو عڪس ڪن صورتن ۾ ماڻهن لاءِ قبولڻ جوڳو نٿو رهي.

هن مقالي ۾ مون پنهنجي محدود اڀياس جي آڌار تي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪ بنهه مختلف ۽ منفرد رخ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪو آهي "شاهه جي شاعريءَ ۾ وجدان" جنهن کي انگريزي ۾ Intuition چيو وڃي ٿو ۽ اولهه جي جديد نقادن مان ڪي ان کي Divine Inspiration ته ڪي Revelation به چون ٿا.

شاعريءَ جي تخليق بابت نظرين ۾ انهن لفظن جو استعمال اڪثر ڪيو ويندو آهي. اتساهه (Inspiration) ۽ وجدان (Intuition) کانپوءِ انهن سان لاڳاپيل هڪ ٽيون لفظ پاڻمرادو ذهن تي اڀري اچي ٿو سو آهي "الهام" (Revelation) هڪڙو مڪتبه فڪر شاعريءَ کي الهام، وجدان ۽ اتساهه مان پيدا ٿيندڙ فن سمجهي ٿو. جڏهن ته ٻين وري ان کي خالص شعوري عمل قرار ڏنو آهي. انهن ۾ وري ڪي شاعريءَ جو لاشعور ۽ تحت الشعور مان شعوري سطح تي اچڻ وارو مفروضو رکن ٿا.

جيتوڻيڪ جديد سائنسي ذهن ۽ عملي مادي نظرين ۾ يقين رکندڙ ماڻهو شاعريءَ جي شعوري عمل واري ڳالهه کي وڏيڪ اهميت ڏين ٿا پر جهڙي قسم جي شاعري اسان جي صوفي شاعرن خاص ڪري شاهه ۽ سچل ڪئي آهي، انهيءَ کي صرف شعوري عمل چوڻ کي ذهن قبول نٿو ڪري ۽ ڪٿي نه ڪٿي الهام، وجدان ۽ باطني اتساهه واري ڳالهه ڏانهن اشارو محسوس ڪري ٿو.

شاعريءَ بابت اهي اهڙا تصور (Concept) آهن جن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي يونان کان يورپ ۽ نندي ڪنڊ خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب جي شآعري جو اڀياس ڪرڻو پوي ٿو.

شاعريءَ بابت وجدان جو نظريو (Theory of Intuition) سڀ کان اڳ افلاطون پيش ڪيو هو ۽ چيو هو ته شاعري الهامي شئي آهي ۽ شاعر شاعري ڪنهن وجداني ڪيفيت ۾ ڪري ٿو ۽ اها ڪا عقلي مشق يا علم بنهه ڪونهي.(1)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

افلاطون جو شاگرد ارسطو جيتوڻيڪ عقليت (rationalism) جو قائل هو تہ بہ هن وٽ آفاقي/ ڪائناتي همہ گير صداقتن واري شاعري ئي اعليٰ ۽ عظيم شاعري هئي پر هن وجدان (intuition) بدران اتساهہ (inspiration) کي اهميت ڏني، جنهن جا هن جي نظر ۾ ٻہ سبب هئا: هڪڙو خارجي ۽ ٻيو داخلي. داخلي سبب بابت ڳالهائيندي هو تقريباً ساڳي ڳالهہ ٿو ڪري: ”شاعري الهام جي صورت ۾ نازل ٿيندي آهي ۽ شاعر هڪڙي جنوني ڪيفيت ۾ اچي ويندا آهن.“(2)

سيني ڪان اهم ۽ هن موضوع تي باقاعدي خيال لانجائينس ڏنو هو، جنهن چيو هو تہ شاعر تہ وجداني ڪيفيت ۾ شاعري ڪري ٿو پر اعليٰ شاعري اها آهي جيڪا خود پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تي بہ اهڙي ساڳي ڪيفيت طاري ڪري. هو ان ڪيفيت کي Sublimity ٿو سڏي. جنهن کي سنڌي، اردو ۽ عربي ۾ ”رفعت“، ”بلندي“، ”بي خودي“ وغيره چئبو آهي. اها هڪڙي سرور ۽ وجد واري ڪيفيت هوندي آهي، جنهن ۾ ڪن کي جمال تہ ڪن کي جلال ٿو محسوس ٿئي. چون ٿا تہ شاهہ جمال جو ۽ سچل جلال جو شاعر آهي.

لانجائينس چواڻي ”اعليٰ ادب پڙهندڙ لاءِ خوشي ۽ مسرت بجاءِ بيخودي ۽ وجد واري ڪيفيت پيدا ڪندو آهي ۽ اها سحر انگريز ڪيفيت شاعر جي پنهنجي وجداني ڪيفيت ڪانسواءِ سندس ذات ۽ ڏانءُ سان پيدا ٿيندي آهي.“(3)

هوڏانهن فرانس جي مشهور فلسفي هينري برگسان پڻ انهيءَ موضوع تي وڏو بحث ڪيو آهي. جنهن ۾ هن سائنسي ڏاڍ جي خلاف ۽ انساني تخليقي آزاديءَ ۽ علم جي ذريعي اخلاقي پهلوءَ جي ڳولا کي رد ڪيو آهي. هن جو خيال آهي تہ انسان جي نفس سان جڙيل ڪي خارجي حقيقتون وسارڻ نہ گهرجن جيڪي بدلجڻ سان هو مختلف حالتن ۽ ڪيفيتن مان گذري ٿو، انهن جي عقلي توجيهہ ڪرڻ تمام مشڪل آهي. اهي عقل بدران ”وجدان“ جي ذريعي سمهي سگهجن ٿيون.(4)

اها ڳالهہ اسان مان هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ سنڌ جي صوفي شاعرن مان خاص ڪري ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ موجود ڪيتريون ئي ڳالهيون عقل ۽ علم جي ذريعي سمجهي نٿيون سگهجن. مثال طور ڀٽائي صاحب جا هي ڪجهہ بيت ڏسو:

ويـــهـــ مَ وســـاري پـــچـــا ڪـــر مَ پـــنـــڌ جـــي،
نـــرمـــل نـــهـــاري هـــلـــنـــديـــن هـــٿ ڪـــيـــو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاعر جو تصور تہ ڏسو، ڇوي ٿو تہ وساري ويهي بہ نہ رهہَ ۽ وري واٽ جي پنڌ جي پڇا بہ نہ ڪر. اهو ڪهڙو فلسفو آهي؟

ويهہ مَ منڌ پنيور ۾، هاڙهي هڏ مَ هل،
ڪوڙ ڪچ مَ ڪڍهين، سچي ڳالهہ مَ سَل،
جانب لئہ مَ جَل، سور وسار مَ سسئي.

ڇا ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي؟ عقل ڪم ڪري ٿو يا علم مدد ڪري ٿو؟

تہ پنيور ۾ ويهہ بہ نہ، هاڙهي ۾ هل بہ نہ، ڪوڙ بہ نہ ڳالهاءِ تہ سچي ڳالهہ بہ ظاهر نہ ڪر. پنهنجو پاڻ کي جلاءِ بہ نہ، پر جي ڏکويل آهين تہ ڏک کي وسار بہ نہ.

ڇا شاعر اهو بيت بنا پاڻ سمجهڻ جي چيو آهي يا ان ۾ ڪا اهڙي لڪل مامَ آهي، جنهن کي اسين سمجهي نٿا سگهون. اهو هڪڙو مثال ڪونهي بلڪہ شاهہ جي رسالي مان خود سسئيءَ جي سُرن مان اهڙا ڪئين مثال ڏئي سگهجن ٿا. مثال طور هي بيت عام ماڻهو سمجهي سگهي ٿو:

سُڪين ٿيءَ مَ سنري، پسي ڏک مَ ڏر،
پئي ڪر مَ پانهنجو، گهوريو اڏ مَ گهر،
هاري هڏ مَ مرُ، مڇڻ جيءَ جيارين.

وري هي بيت ڏسو:

جان پيهي ڏنم پاڻ ۾ ڪري روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نہ ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

سسئي پاڻ پنهون ڪيئن ٿي؟ پاڻ ۾ پيهي ڪيئن ڏسبو آهي؟ اهو تہ شاعر جو ”وجدان“ ئي ٻڌائي سگهجي ٿو، عام ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ ڪانهي.

ڏور مَ ڏوريج، صبر ڪر مَ سسئي،
پرڻ ڇڏ پيرن سين، وهڻ وساريج،
سڪن جا سيد چئي، لاڳاپا لاهيج،
هنئين ساڻ هليج، تہ پنڌ پاسي پر نبري.

ساڳيو ئي فلسفو، ساڳيو ئي پيغام، ساڳي ڳالهہ ضرور شاعر وٽ ڪو خاص



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نڪتو آهي، جيڪو هو چوڻ ٿو چاهي، سمجهائڻ ٿو چاهي پر اسان جو محدود عقل، اسان جي ڪم علمي ان کي سمجهڻ ۾ رڪاوٽ آهي.

چوي ٿو ته: پري وڃي نہ ڳولجان صبر ڪري بہ نہ ويهجان پيرن سان پنڌ بہ نہ ڪجان وري ويهڻ بہ وساري ڇڏجان.

آخر شاعر چوڻ ڇا ٿو چاهي؟ هڪ ٻن بيتن ۾ ائين ڪيو هجيس تہ چئجي تہ ڀُليو آهي. ڪاتب کان غلطي ٿي آهي يا اسان کي پڙهڻ ۾ نٿو اچي. شاهہ جي رسالي ۾ اهڙا ڪيترائي بيت اسان کي ملن ٿا، جن ۾ اسان اهڙي ڳُوڙهائي، اهڙي گهرائي ۽ اهڙو تضاد ڏسون ٿا، جنهن جي تہ تائين پهچڻ کان علم ۽ عقل قاصر آهن تہ پوءِ ڇو نہ چئون تہ اهو ”وجدان“ آهي.

جيئن تہ اهي سٿون خود شاعر ڪنهن وجدان يا وجداني ڪيفيت ذريعي حاصل ڪيون آهن ان ڪري انهن جي تہ تائين وڃڻ لاءِ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي بہ اهڙي ڪنهن وجداني ڪيفيت جي ضرورت پوندي، بلڪل ائين ئي جيئن لانجائينس چوي ٿو:

اعليٰ شعري، قاريءَ ۾ بہ اهڙي ساڳي بي خودي، سرور يا ecstasy پيدا ڪري ٿي.(5)

جيتوڻيڪ انسان جي عقل ۽ ذهني قوت جي پنهنجي اهميت۽ افاديت آهي. زندگيءَ جي معاملن ۾ عقل جو پورو پورو عمل دخل هجي ٿو پر انسان جو عقل محدود آهي. ڇو تہ سندس ڇهن حواسن جي پهچ محدود آهي. جيترو هو ڏسي، ٻڌي، سنگهي، ڇهي، چکي معلوم ڪري ٿو يا جيترو هو مادي ذريعي سان حاصل ڪري ٿو، اوتري ئي سندس ذهني قوت ۽ عقل جي رسائي هوندي. اهي ٻئي شيون زمان ۽ مڪان جون پابند آهن.

پـــڙهـــيـــو ٿـــا پـــڙهـــن ڪـــڙهـــن ڪـــيـــن قـــلـــوب ۾،
پـــاڙـــان ڏوهـــہ ڇـــڙهـــن، جـــيـــئـــن ورق ورائـــيـــن وتـــرا.

ان کان اڳتي جو علم جيڪو زمان ۽ مڪان جي حدن کان مٿانهون آهي اهو وجدان جي دائري ۾ اچي ٿو، جيڪڏهن اسين فن، خاص ڪري شاعريءَ جي حوالي سان ڏسون تہ خود ٻوليءَ جو بہ پنهنجي معنائن ۽ مفهومن جي حوالي سان هڪ جدا ڪردار ٿئي ٿو. عام مروج معنائون ڪن ڪيفيتن کي ظاهر ڪرڻ کان عاري هونديون آهن. ان ڪري شاعر لفظ جون کي لڪل معنائون کي ڳجها مفهوم ڳولي استعمال ڪندا آهن:

عاشق ڇئو مَ اُن کي، مَ کي ڇئو معشوق،
خالق ڇئو مَ خام تون، مَ کي ڇئو مخلوق،
سلڄ تنهين سلوڪ، جو ناقصئان نڱئو.

اهو ٻوليءَ جو فلسفياڻو استعمال آهي، جنهن ۾ اشارا ۽ ڪنايا محض شاعريءَ کي جمالياتي سطح تي بهتر بنائڻ لاءِ نہ پر معنوي پهلوئن کي سمائڻ لاءِ ڪم آيل هوندا آهن ۽ شاعر جو وجدان ۽ وجداني ڪيفيت ٻوليءَ جي اهڙي پهلوءَ کي سامهون آڻين ٿا. اصل ۾ ڳالهہ اها آهي تہ پڙهندڙ/ٻڌندڙ شاعر جي ان وجدان کي ڪيترو پهچي سگهي ٿو ۽ شاعر يا فنڪار جنهن وجداني ڪيفيت مان گذريو هوندو يا جيڪو جمالياتي تجربو ان کي ٿيو هوندو ڇا هو، اهو لفظن ۾ منتقل ڪري سگهيو آهي يا نہ؟ جيڪڏهن ڪيو اٿس تہ ڇا ان کي سمجهڻ واري حس پڙهندڙ وٽ آهي بہ يا نہ؟ فنڪار يا شاعر جيڪو انڪشاف ڪري ٿو ڇا پڙهندڙ کي ان جو احساس ٿئي ٿو يا نہ اهو سمجهڻ ضروري آهي.

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
هونداسي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

شاعر ڇا ٿو چوڻ چاهي ۽ پڙهندڙ ڇا ٿو پرائي، ان جي وچ ۾ وڏي وٿي نظر اچي ٿي.

اصل ۾ ٻوليءَ ۽ وجداني ڪيفيت ۾ مطابقت هئڻ ضروري آهي. شاهہ لطيف جهڙا شاعر رواجي ۽ روايتي ٻوليءَ جا محتاج ڪونہ هوندا آهن. هو انهيءَ ۾ نيون معنائون نئين اشاريت پيدا ڪندا آهن يا مرڳو نئين ٻوليءَ کي جنم ڏيندا آهن.

جان تن ڪيو ئي تيئن، سوئيريان ئي سنهڙو،
پرين پائيندا ڪيئن، توکي اکڙين ۾.

ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سو ئي،
آهي نچو ئي ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي.

جيترو گهرو وجدان اوترو ئي وسعت هو ٻوليءَ ۾ پيدا ڪندا آهن. نوان لفظ، نيون علامتون، نوان استعارا، نوان اسلوب، منفرد تجربا جنم وٺندا آهن. وجداني نواڻ، لساني نواڻ کي وجود ۾ آڻي منجهن مطابقت پيدا ڪري ٿي ۽ ابلاغ سولو ٿي پوي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو ۽ اها شاعر جي انفراديت ٿي پوي ٿي، جيترو وڏو شاعر، جيترو سندس تجربو اوترو ئي لساني ۽ وجداني حوالي سان منفرد هوندو آهي. هو پنهنجي ذات جي گهرائيءَ ۾ ۽ وجود جي اونهاين ۾ جن ڳالهين جو مشاهدو ڪري ٿو، اندروني ڪيفيتن، هيجان ۽ هلچل مان گذري هن ڪي ڳجهيون حقيقتون معلوم ٿين ٿيون ۽ اهڙي واردات مان گذري هو انهيءَ لمحي کي انهيءَ تجربي کي ٻين سان ياڳي پائيواري ڪرڻ جي مقصد سان اظهار ڪري ٿو.

هتان ڪٽي هُت، جن رکيو سي رسيون،
ساجن سونهن سرت، وڪان ئي ويجهو گهٽو.

اهڙو فن ۽ اهڙو شاعر انهيءَ ڳجهي حقيقت جي صرف هڪڙي جهلڪ ٻه ڏيکاري ته وڏي ڳالهه آهي. هڪ ننڍڙو تجربو سموريءَ حياتيءَ جي مٿان حاوي ٿيو پوي.

پسي جهاجه جمال جي، جنهين پيتي پڪ،
اپر اڳانجهو ٿيو، سور انهين کي سڪ،
هڏ نه يڳين هڪ، سدا سائر سير ۾.

انهيءَ ۾ ٻوليءَ جو فڪري پهلو به اجاگر ٿئي ٿو. ٻوليءَ جي اهڙي خصوصيت ڪان واقفيت شاعريءَ ۾ ابهام پيدا ڪري سگهي ٿي ڇو ته جيڪڏهن معنيٰ روح آهي ته لفظ يا ٻولي ان جو جسم - اهي هڪ ٻئي کانسواءِ ابهام پيدا ڪري سگهن ٿا.

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پي پيالو اڄ جو، اڄ سين اڄ اتيار،
پنهون پاڻ پيار، ته اڄ سين اڄ اجهايان.

جيئن ته اسان جو پٽائي، تصوف جي پنهنجي مڪتبه فڪر رکڻ جي حوالي سان منفرد حيثيت رکي ٿو ۽ سندس شاعريءَ ۾ وجدان جو عنصر نمايان آهي، ان ڪري ضروري آهي ته مابعد الطبيعات واري پهلوءَ کي نظرانداز نه ڪجي مثال طور اها ”مطلق حقيقت“ ڇا آهي جنهن تائين صوفي پهچڻ چاهين ٿا.

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٿ مِرُن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اويڙ ايري ڪين کي.

اڄ جو سائنسي ذهن مابعدالطبيعات کي نٿو مڃي پر ڏٺو وڃي ته خود سائنس تي به ڪيترن فلسفين اعتراض واريا آهن. مشهور فلسفي ڪانٽ سائنس ۽ مابعد الطبيعات ٻنهي تي تنقيد ڪئي آهي. هو سائنسي علم کي "اضافي ۽ مابعدالطبيعات کي خام خيالي ٿو چوي. هو سائنس کي محض رياضيءَ جو هڪ قسم ۽ مابعدالطبيعات کي سڌريل افلاطونيت ٿو سڏي. جڏهن ته جديد فلسفي ۾ رياضيءَ کي افلاطون جو ورثو ٿو سمجهيو وڃي."(6)

سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه صاحب جي شاعريءَ جي ان پهلوءَ تي تمام ٿورن عالمن نظر وڌي آهي. جن ۾ علامه آءِ آءِ قاضي سرفهرست آهي پاڻ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

"راڳ شاهه تي وجد واري ڪيفيت طاري ڪندو هو ۽ پوءِ هو شعر چوندو ويندو هو."(7)

ڀٽائي صاحب پنهنجي اندر جون سموريون ڪيفيتون ۽ صورتون تشبيهن، استعارن ۽ علامتن ذريعي ظاهر ڪيون. پاڻ جنهن جمالياتي تجربي مان گذريو ان کي به هن ڪيترن بيتن ۾ ظاهر ڪيو آهي. انهن مان ڪن کي اسان سمجهي، اهڙو جمالياتي تجربو به ماڻي سگهيا آهيون، پر اجا ڪي آهن جن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

## حوالا

1. فهميده حسين، ڊاڪٽر، "ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ"، سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي، 1997ع، ص: 35.
2. ايضاً، ص: 45.
3. ايضا، ص: 50.
4. قاضي، عبدالقادر، ڊاڪٽر، "برگسان اور وجدانيت"، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد، 2009ع، ص: 52.
5. ايضاً، ص: 75.
6. ايضاً، ص: 76.
7. قاضي آءِ آءِ علامه - مترجم: عبدالغفار سومرو، "شاهه عبداللطيف، دنيا جو بيمثال شاعر"، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 1998ع.

**نوٽ:** شاهه جا بيت: شاهه جو رسالو، مرزا قليچ بيگ، سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2007ع مان ورتا ويا آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair